صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي ۲۲ ڊسمبر ۲۰۱۴

هٿيارن جو (ترميم) سنڌ بل ۲۰۱۴،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ۱۷ نومبر ۲۰۱۴ تي پاس ڪيو ويو ۽ گورنر سنڌ ۱۸ ڊسمبر ۲۰۱۴ تي منظوري ڏني،جنهن کي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

# هٿيارن جو (ترميم) سنڌ ايڪٽ۲۰۱۴

# سنڌ ايڪٽ XXIV مجريه ۲۰۱۴

هن ايڪٽ جو مقصد آهي ته سنڌ آرمس ايڪٽ (The Sindh Arms Act, 2013) ۾ تبديلي آندي وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اها وقت جي تقاضا آهي ته سنڌ آرمس ايڪٽ، ۲۰۱۳ The Sindh Arms Act, 2013 ۾ تبديلي آندي وڃي.
ان لاءِ ايڪٽ کي هن ريت جوڙيو وڃي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1). هن ايڪٽ کي **هٿيارن** جو (ترميم) سنڌ ايڪٽ، ۲۰۱۴ چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

سنڌ آرمس ايڪٽ 2013 جي دفعه 12 ۾ ذيلي دفعه 2 بعد تبديلي
Amendment in Section 12, after sub-section 2 of the Sindh Arms Act, 2013.

2. سنڌ آرمس ايڪٽ، 2013 (The Sindh Arms Act, 2013) جي دفعه 12 ۾ ذيلي دفعه (2) کانپوءِ هي نئون ذيلي دفعه (3) وڌايو ويندو.

"(3) اجازت نامو ڏيندڙ اختياري (The Licensing Authority) ذيلي دفعه (1) جي روشنيءَ ۾ ورتل درخواست تي مناسب ۽ ٺوس سببن تي سموري پاڪستان لاءِ لائسنس (License) ڏئي سگھي ٿي."

بحڪم

اسپيڪر

صوبائي اسيمبلي سنڌ.

جي.ايم.عمر فاروق

سيڪريٽري

صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.